هن رسالي ۾ شايع ٿيل تنقيد جو معيار بهتر رهيو آهي. گهٽي کان گهٽيون تنقيدون ذاتيِ نفرتن ۽ محبتن کان بچايون ويون آهن ۽ اڪثر نقادن جي لکڻين مان سڌن مطالعي، عمليِ چاڻ ۽ فنيِ مهارت جيِ خوشبوءِ محسوس ٿيري سگهجي ٿيِ. ڪنهن بہ نقاد بيگر لاهڻ جيِ ڪوشش نہ ڪئيِ آهي ۽ نہ وري اوٽ تي قلم هٿ ۾ ڪنيو آهي. بلاشبہ ڪيتريون تنقيدون مختصر آهن پر انهن کي جامع سڏڻ ۾ ڪوبہ ڪنجوسائيِ نٿو ڪري سگهي.

(ص.۳۱۹)

سال ۱۹۷۴ ۾ بمبئي جي نئين دنيا پبلشرس طرفان ايم. جي. اُتم جي ادبيِ ۽ تنقيدي مضمونن جو ڳٽڪو 'ساهت ۽ ساهتڪار' جي نالي سان شايع ٿيو. هڪ سؤ پارنهن صفحن جي هن ڪتاب ۾ اٺ مضمون ڏنا ويا آهن. ڪتاب ۾ شامل پهريون مضمون 'ساهت ۽ ساهتڪار' نظرياتيِ تنقيد جو سٺو مثال آهي. انهيءَ کانسواءِ نقاد 'ليکراج عزيز'، ساميِ ۽ پٽائيءَ جي ڪلام تي تشريحي تنقيد ڪئيِ آهي ۽ 'ڀارت ۾ سنڌي ساهت' جي عنوان هيٺ سنڌي ادب جو تاريخي اهميت وارو تنقيدي جائزو ورتو آهي.